This Article is written by
Vasudev Nirmal
from book "Sindhyat Jo Upasak"
compiled by Rukmani Chainani
published in year 2002

# ڪهاڻيڪار اُتم

- واسديو ’نرمل‘

اُصول پرست اُتم، هڪ ئي وقت مضمون نگار، ڪهاڻي نويس، ڪوجنيڪ، پترڪار، سمپادڪ ۽ سنڌيت جي هلچل جو علمبردار آهي. هوُ سنڌي ساهت ۾ سنڌي جيوت جي ترجماني جو طرفدار ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حفاظت لاءِ هردم تيار سنڌي شخصيت آهي. هن جي شخصيت گهڻ-ڪنڊي آهي. اِنڪري صرف سنڌس ڪهاڻي ڪلا ڪٿي هيءُ مختصر مضمون سندس ڪهاڻين جي مجموعن ’ڪشمڪش‘ ۽ ’هوُ جهان ۽ هي من‘ تائين محدود ڪيو اَٿم.

شري اُتم جون ڪهاڻيون هند توڙي سنڌ جي مخزنن، رسالن ۽ ڪهاڻين جي مجموعن ۾ ور ور ڪري ڇپيون آهن. اِن مان اِنهن ڪهاڻين جي مقبوليت جي ڄاڻ ملي سگهي ٿي. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻين جا ترجما هندي، بينگالي، گجراتي، مراٺي، مليالم، اُردو، اُڙيا ۽ اَنگريزي ٻولين ۾ ٿي چڪا آهن. سندس ’راجا‘ ڪهاڻي تہ روس جي ڪن ٻولين ۽ جرمن ٻوليءَ ۾ بہ ترجمو ٿي چڪي آهي. سندس ڪهاڻين جي مجموعي ’ڪشمڪش‘ جا ٣ ڇاپا ڇپجي چڪا آهن، جن مان هڪڙو سنڌ ۾ ڇپيو آهي. اَزانسواءِ ’ڪشمڪش‘ ڪهاڻين جي مجموعي جو گجراتي ڀاشا ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. اِن مان اِنهن ڪهاڻين جي اهميت ظاهر ٿي بيهي ٿي.

اُتم جي ڪهاڻين ۾ اڪثر سنڌي جيوت جو چٽ، ترقي پسند نڪتہ نگاهہ کان چٽيل آهي. اِنهن ڪهاڻين ۾ فقط

وارو ڪو ڪردار آهي.

ڪهاڻي ’پيريءَ جو توشو‘ ۾ مهاراشٽر پرانت جي ڪانديش ايراضيءَ جي ڪرڙوڊ هاريءَ جو ڪردار بہ همدرديءَ لائق خوددار ڪردار آهي، جو نوڪريءَ جي تلاش ۾ ممبئيءَ ۾ اچي ٿو ۽ جڏهن نوڪري نٿي مليس، تڏهن بيمار هوندي بہ، مزوري ڪندي، هڪ وڏو باردانو کڻندي ڪري ٿو، باردانو اچي سندس مٿان ڪري ٿو ۽ رت نڪريس ٿو.

ڪهاڻي ’قافلو وڌندو رهيو‘ جي غيرتمند خوددار ومل جو ڪردار بہ اڻ وسرندڙ ڪردار آهي، جيڪا ڏيتي ليتيءَ جي گهُر ٿيڻ تي شاديءَ کان انڪار ڪري ٿي ۽ شاديءَ جي مئڪروفون تي آهڙو اعلان ٿي ڪري تہ هوءَ سندس جيڏي آهڙي شخص سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهي، جيڪو ڏيتي ليتيءَ جو شرط نہ وجهي، نہ تہ هوءَ عمر ڀر ڪنواري رهڻ پسند ڪندي.

آهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترائي ڪردار آهن.

هن مختصر مضمون ۾، مون ’اُتم - ڪهاڻي نويس جي ڪهاڻي-ڪلا‘ جي خوبين جو مختصر ۾ ذڪر ڪيو آهي، جو هن ڪتاب جي سمپادڪا جو عرض هئو تہ مضمون مختصر هجي. ان ڪري تفصيلوار مقالو وري ڪو موقعو بڻيو تہ ضرور لکڻ جي ڪوشش ڪندس.

